# مديني شريف جون فضيلتون

# ۽

# ياد مدينه

12-July-2018



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# مديني شريف جون فضيلتون ۽ ياد مدينه

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله
اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي اعتڪاف جي نيت ڪري وٺو، جوتہ جيستائين مسجد ۾ رهندؤ اعتڪاف جو ثواب ملندو رهندو. ياد رکو! مسجد ۾ کائڻ، پيئڻ، سمهڻ يا سحري، افطاري ڪرڻ، ايستائين جو آبِ زم زم يا دَم ڪيل پاڻي پيئڻ جي بہ شرعاً اجازت ناهي، البت جيڪڏهن اعتڪاف جي نيت هوندي تہ اهي سڀ شيون ضمناً جائز ٿي وينديون. اعتڪاف جي نيت بہ صرف کائڻ، پيئڻ يا سمهڻ جي لاءِ نہ هئڻ گهرجي بلڪ ان جو مقصد الله تعاليٰ جي رِضا هجي. ”فتاويٰ شامي“ ۾ آهي: جيڪڏهن ڪو مسجد ۾ کائڻ پيئڻ يا سمهڻ چاهي تہ اعتڪاف جي نيت ڪري ۽ ڪجهه دير ذِڪرُالله ڪري پوءِ جيڪو چاهي **(يعني هاڻي چاهي تہ کائي پي يا سمهي سگهي ٿو)**

## دُرُود شريف جي فضيلت

حضرت سيدنا اِبنِ وَهب رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه کان روايت آهي تہ حضرت سيدنا ڪعب رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ امّ المومنين حضرت سيدتنا عائشہ صديقہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا جي خدمت ۾ حاضر ٿيا. ماڻهن رسولِ اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ذڪر ڪيو تہ حضرت سيدنا ڪعب رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمايو: هر ڏينهن ستر هزار ملائڪ لهندا آهن جيڪي رسولِ پاڪ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي قبر شريف کي گهيري وٺندا آهن، پنهنجا پر وڇائيندا آهن ۽ نبيّ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي درود شريف پڙهندا رهندا آهن، ايستائين جو جڏهن شام ٿيندا آهن تہ اهي (آسمانن ڏانهن) چڙهي ويندا آهن ۽ انهن وانگر ٻيا (ملائڪ) لهندا آهن، اهي بہ انهيءَ طرح ڪندا آهن، ايستائين جو

جڏهن زمين کلندي تہ حضورِ انور صَلَّى اللّٰه تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ستر هزار ملائڪن (جي جهرمٽ) ۾ نڪرندا جيڪي حضور صَلَّى اللّٰه تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي پهچائيندا.
(مشڪاة، ڪتاب احوال القيامت ۽ بدء الخلق، باب الڪرامات، 401/2، حديث، 5955)

بيان ڪيل حديث پاڪ جي تحت حڪيم الامت حضرت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: خيال رهي تہ هميشہ سيئي ملائڪ ئي حضور صَلَّى اللّٰه تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي درود موڪليندا آهن پر هي ستر هزار ملائڪ اهي آهن جن کي پوري عمر ۾ هڪ ڀيرو دربار جي حاضري جي اجازت هوندي آهي. هي حضرات حضوراڪرم صَلَّى اللّٰه تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي برڪت حاصل ڪرڻ جي لاءِ حاضري ڏيندا آهن. جيڪو ملائڪ هڪ ڀيرو حاضري ڏئي ويندو آهي ان کي ٻيهر حاضري جو شرف ناهي ملندو سڄي عمر ۾ صرف ڪجهہ ڪلاڪ يعني اڌ ڏينهن جي حاضري نصيب ٿيندي آهي. (حديثِ پاڪ جي هن حصي" ايستائين جو جڏهن زمين کلندي تہ حضور ستر هزار ملائڪن سان نڪرندا جيڪي حضور کي پهچائيندا." جي وضاحت ۾ لکن ٿا:) يعني قيامت جي ان ڏينهن جي ديوٽي وارا ملائڪ حضور کي پنهنجي جهرمٽ ۾ وني ربّ تعالٰي تائين پهچائيندا گهوٽ وانگر. (مرآة المناجيح، 282/8 ڪان 283 )

امامِ عشق و محبت اعلٰي حضرت مولانا شاه احمد رضا خان رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه حدائق بخشش ۾ انهيءَ ڳالهہ جي طرف اشارو ڪندي ڇا خوب ارشاد فرمائن ٿا:

سَتّر ہزار صُبح ہیں سَتّر ہزار شام
یُوں بندگیِ زُلف و رُخ آٹھوں پہر کی ہے

**مختصر وضاحت**: يعني صبح ۽ شام مسلسل ستر، ستر هزار ملائڪ پاڻ صَلَّى اللّٰه تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي حسين زلفن ۽ روشن چهري جي اٺ ئي پهر تعريف ۽ توصيف جي لاءِ پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰه تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مزارِ پر انوار تي حاضري ڏيندا آهن.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نِيّتون ڪري وٺون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: ”نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ“ يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي.
(المعجم الكبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

ٻہ مدني گُل: (1) بغير سٺي نيّت جي ڪنهن بہ نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو.
(2) جيتريون سٺيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب بہ وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

❁ نگاهون جهڪائي پوري توجهہ سان بيان ٻڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وچائي ويهندس ❁ ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو تہ صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اٽڪڻ کان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذْكُرُوالله , تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## دِرِ رسول تي حاضر ٿيڻ وارو بخشجي ويو

دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي 413 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”عيون الحڪايت“ جلد 2 صفحي نمبر 308 تي آهي:حضرت سيّدنا محمد بن حَرب هلاَلي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جن بيان ڪيو تہ ”هڪ ڀيري مان روضہءِ رسول تي حاضر هئس تہ هڪ اعرابي (عرب جو رهاڪو ڳوناڻو) آيو ۽ حضور انور، شافع مَحشر، محبوب ربّ اڪبر صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي بارگاهہ بيڪس پناهہ ۾ ائين عرض ڪرڻ لڳو: يا رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ الله پاڪ اوهان تي جيڪو سچو ڪتاب نازل فرمايو آهي، ان ۾ (سيپارو 5 سُوْرَةُالنِّسَاء جي) اها آيت بہ آهي.

وَلَوْ اَنَّهُمْ اِذْ ظَّلَمُوْٓا اَنْفُسَهُمْ جَآءُوْكَ فَاسْتَغْفَرُوا اللّٰهَ وَ اسْتَغْفَرَ لَهُمُ الرَّسُوْلُ لَوَجَدُوا اللّٰهَ تَوَّابًا رَّحِيْمًا ﴿۶۴﴾ (پ 5 النساء 64)

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ جيڪڏهن اهي پنهنجي پاڻ تـي ظلـم ڪـن تـہ اي محبـوب تنهنجـي بارگاهہ ۾ حاضر ٿين پوءِ الله کان معافي گهرن ۽ رسول انهن جي شفاعت فرمائي تہ ضرور الله کي گهڻو توبهہ قبول ڪندڙ مهربان لهندا.

اي منهنجا آقا ۽ مولا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! مان بخشڻهار ربّ پاڪ کان پنهنجي ڪوتاهين ۽ گناهن جي معافي گهرندي اوهان جي دربار ۾ حاضر ٿيو آهيان ۽ اوهان کي ربّ جي دربار ۾ پنهنجو شفيع بڻايان ٿو. اهو چئي اهو عاشق رسول روئڻ لڳو ۽ ان جي زبان تي هي شعر هئا:

يَا خَيْرَ مَنْ دُفِنَتْ بِالْقَاعِ اَعْظُمُهٗ فَطَابَ مِنْ طِيْبِهِنَّ الْقَاعُ وَالْاَكَمُ
رُوْحِيَ الْفِدَاءُ لِقَبْرٍ اَنْتَ سَاكِنُهٗ فِيْهِ الْعِفَافُ وَفِيْهِ الْجُوْدُ وَالْكَرَمُ

**ترجمو:** (1) اي اها بهترين ذات! جنهن جو مبارڪ وجود ان زمين ۾ دفن ڪيو ويو تہ ان جي عمدگي ۽ پاڪيزگيءَ سان ميدان ۽ دڙا (پٽ) معطر ٿي ويا. (2) منهنجي جان فدا ٿئي ان نوراني قبر تان جنهن ۾ پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن آرام فرمائي رهيا آهن، جنهن ۾ پارسائي سخاوت، عفو ۽ ڪرم جو وڏو قيمتي خزانو آهي.

اهو عاشق رسول گهڻي دير تائين انهن شعرن کي پڙهندو رهيو، پوءِ پنهنجي گناهن جي معافي گهرندي اشڪبار اکين سان اتان کان هليو ويو. حضرت سيدنا محمد بن حرب هلالي رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا تہ جڏهن مان ستس تہ خواب ۾ رحمتِ عالم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جي زيارت جو شرف حاصل ٿيو، پاڻ ڪريمن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن مون کي ارشاد فرمايو: اِلْحَقِ الرَّجُلَ فَبَشِّرْهُ اَنَّ اللّٰهَ تَعَالٰى قَدْ غَفَرَ لَهٗ بِشَفَاعَتِيْ يعني ان اعرابي سان ملو ۽ ان کي خوشخبري ٻڌايو تہ الله ربّ العزت منهنجي سفارش جي ڪري ان جي مَغفرت فرمائي ڇڏي آهي. (عُيون الحكايات،۲/ ۳۲۸ ملخّصًا)

امامِ اهلسنت، پروانہ شمعِ رسالت مولانا شاهہ امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه هن ايمان افروز واقعي ۽ غلامانِ مصطفٰي جي بارگاهِ رسالت ۾ شفاعت جي

خيرات گھرڻ جي لاءِ حاضري کي قرآني آيت جي روشني ۾ ڪيتري پياري انداز ۾ بيان ڪري رهيا آهن:

مجرم بُلائے آئے ہیں جَاءُوْكَ ہے گواہ پھر رد ہو کب یہ شان کریموں کے در کی ہے
منگتا کا ہاتھ اُٹھتے ہی داتا کی دین تھی دُوری قبول و عرض میں بس ہاتھ بھر کی ہے
اُف بے حیائیاں کہ یہ منھ اور ترے حضور ہاں تو کریم ہے تِری خُو در گزر کی ہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

منا منا اسلامي ڀائرو! ”جيڪو روئيندو آهي ان جو ڪم ٿيندو آهي“ جي ظاهر حقيقت بَيان ڪيل حڪايت مان اسان جي اڳيان واضِح ٿي وئي ته ان اَعرابي (ڳوٺاڻي) جو گريه و زاري ڪرڻ، ان جو روئڻ، آقا ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي دربار ۾ تڙپڻ، نبي پاڪ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي پُڪارڻ، حُضورِ انور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي بارگاهه اَقدس ۾ لڙڪ وهائڻ ڪم اچي ويا ۽ غلامن جي حال کان خبردار آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي بخشش جي خوشخبري عطا ڪئي. معلوم ٿيو ته بارگاهه مُصطَفٰي مان اڄ به مَغفِرَت جا پروانا تقسيم ٿيندا آهن، اڄ به گناهگارن کي دامنِ رحمت ۾ لڪايو ويندو آهي، اڄ به بي سهارن جي بگڙي بڻجندي آهي، اڄ به غم جي مارن جي غمخواري ڪئي ويندي آهي ۽ اڄ به خالي جهوليون ڀريون وينديون آهن. دنيا ۾ اڄ ڪيئي اهڙا ماڻهو موجود هوندا جن وٽ بي انتها مال و دولت آهي، جن سڄي دنيا جي سير به ڪئي هوندي پر آه! عاشقانِ رسول جي مرڪزِ عقيدت ”مدينه منوره“ ۽ ان جي حسَين و دِلڪش مقامات جي زيارت کان مَحروم هوندا، جڏهن ته ٻي پاسي اهي عاشقانِ رسول به هوندا جن وٽ مديني شريف وڃڻ جي لاءِ نه ته مال هو ۽ نه ئي وڃڻ جا اسباب پر زيارتِ مدينه جي لاءِ اُنهن جو روئڻ انهن جي سچي تڙپ، مسلسل دعائون ۽ مُخلِصَانه ڪوشش رنگ لاتو، اَسباب ٿيندا ويا ۽ نيٺ انهن کي مدينه پاڪ ۽ سبز سبز گنبد جي زيارت جو جام پيئڻ نصيب ٿي ويو. ڪنهن

شاعِر خوب چيو آهي تہ

کہاں کا مَنْصَب کہاں کی دَولت قسم خُدا کی ہے یہ حقیقت
جنہیں بُلایا ہے مُصْطَفٰے نے وہی مدینے کو جارہے ہیں

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

اي عاشقانِ رسول! مدينو شريف اهڙو بابرڪت ۽ عظمت وارو مقدس ۽ محترم مقام آهي جو جيڪو اتي ويندو آهي ان جو واپس موٽڻ جو دل ناهي چاهيندو ڇوتہ مديني پاڪ ۾ اسان جي پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو روضو مبارڪ ۽ پاڻ ڪريمصَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ سان منسوب بيشمار يادون موجود آهن، مديني پاڪ ۾ اهڙو دلي سڪون ملندو آهي جو دنيا جي ڪنهن بي شهر ۽ ڪنهن خوبصورت جڳهہ تي بہ ناهي ملندو، تنهنڪري جيڪڏهن ڪڏهن راهِ مدينہ ۾ ڪا پريشاني اچي يا مديني شريف ۾ ڪا تڪليف استقبال ڪري تہ صَبر ڪري سعادت سمجهي ان کي قبول ڪرڻ گهرجي ڇوتہ اتي تڪليف تي صَبر ڪرڻ وارن جي لاءِ اللّٰه پاڪ جي محبوب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ پنهنجي شفاعت جي بشارت (خوشخبري) عطا فرمائي آهي، جيئن

## مديني شريف جي تڪليفن تي صَبر جي فضيلت

رسولِ اڪرم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شخص منهنجي زيارت جي ارادي سان آيو اهو قيامت جي ڏينهن منهنجي حفاظت ۾ رهندو ۽ جيڪو شخص مديني ۾ رهائش اختيار ڪندو ۽ مديني جي تڪليف تي صبر ڪندو تہ مان قيامت جي ڏينهن ان جي گواهي ڏيندس ۽ ان جي شفاعت ڪندس ۽ جيڪو شخص حرمَين (مڪي ۽ مديني) مان ڪنهن بہ هڪ ۾ مرندو تہ اللّٰه تعاليٰ ان کي ان حال ۾ قبر مان اٿاريندو جو هو قيامت جي خوف کان امن ۾ هوندو. (مشكاةالمصابيح،١/٥١٢،حديث ٢٧٥٥)

تمنّا ہے فرمایئے روزِ محشر یہ تیری رہائی کی چِٹھی ملی ہے
شفاعت کرے حشر میں جو رضاؔ کی سِوا تیرے کس کو یہ قدرت ملی ہے

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! عاشقان رسول جي لاءِ راھِ مدينہ جو هر ڪنڊو بہ گل جيان آهي تنهنڪري سَفرِ مدينہ دوران جيڪڏهن ڪا پريشاني اچي، ڪو تنگ ڪري، ڏکو ڏي، خلافِ مزاج ڳالھ ٿئي، اوچتو ڪا زميني يا آسماني آفت اچي تہ ان موقعي تي بي صَبري ڪرڻ، روئڻ پٽڻ، بدلو وٺڻ ۽ شڪوو شڪايت ڪرڻ تمام وڏي محرومي جو سبب بڻجي سگهي ٿو. ائين ئي جيترو عرصو مديني پاڪ جي فضائن ۾ گذري تہ ڪوشش ڪريو تہ ادب و تعظيم جو دامن هٿ مان نہ نڪري. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ الله وارا مديني پاڪ جو تمام گهڻو ادب ۽ احترام ڪندا آهن. اچو! هڪ زبردست عاشقِ رسول بزرگ جي مديني سان مَحَبَّت ۽ اتي جي ادب جي باري ۾ 2 دلنشين واقعا ٻڌون ٿا، جيئن

## (1) مديني سان مَحَبّت جو انداز

مالڪين جا عظيم پيشوا حضرت سَيدُنا امام مالِڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه زبردست عاشقِ رسول ۽ مدينہ مُنَوَّره جو تمام گهڻو ادب (Respect) ڪرڻ وارا هئا. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه مديني ۾ رهڻ جي باوجود قضاءِ حاجت جي لاءِ حرمِ مدينہ کان ٻاهر ويندا هئا ۽ حُدودِ حرم کان ٻاهر پنهنجي طبعي حاجت کان فارغ ٿيندا هئا.
(بستان المحدثين ، ص١٩)

عرصہ ہوا طیبہ کی گلیوں سے وہ گزرے تھے
اس وقت بھی گلیوں میں خوشبو ہے پسینے کی

## (2) امامِ مالڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ۽ تعظيمِ خاڪ مدينہ

حضرت سيدنا امام شافعي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: مون مديني شريف ۾ حضرت سيدنا امام مالڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي دروازي تي خراسان يا مصر جا گهوڙا ٻڌل ڏٺا ايترا اعليٰ قسم جا گهوڙا مون ڪڏهن بہ نہ ڏٺا هئا. مون عرض ڪيو:

هي گهوڙا ڪيڏا نہ بهترين آهن؟ فرمايائون: مان هي سڀ توهان کي تحفي ۾ ڏيان ٿو، مون عرض ڪيو: هڪ گهوڙو پنهنجي لاءِ بہ رکو. فرمايائون: مون کي اللّٰه تعاليٰ کان حياءُ ٿو ٿئي تہ ان مبارڪ زمين کي پنهنجي گهوڙي جي پيرن هيٺان لتاڙيان جنهن تي اللّٰه جا پيارا پيغمبر صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ موجود آهن يعني (سندن مبارڪ روضو آهي). (احياء العلوم، ۱۱۴/۱ ملخصاً)

ہاں ہاں رہِ مدینہ ہے غافل ذرا تو جاگ　　او پاؤں رکھنے والے یہ جا چشم و سر کی ہے
اللهُ اکبر! اپنے قدم اور یہ خاکِ پاک　　حسرت ملائکہ کو جہاں وَضعِ سَر کی ہے

سُبْحٰنَ الله عَزَّوَجَلَّ! ڏٺو اوهان! امام مالڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ڪيتري قدر زبردست عاشقِ رسول، مديني شريف سان مَحَبَّت ۾ ان جو ادب ڪرڻ وارا هئا. جيئن تہ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه عالِمِ مدينہ بہ هئا تنهنڪري ادب سندن طبيعت ۾ تمام گهڻو موجود هو، جڏهن تہ اڄ اسان جي معاشَري کي عِلم و ادب ٻنهي جي تمام گهڻي ضرورت آهي، عِلم جي دولت هوندي تہ ادب جي سعادت بہ ملندي ۽ عِلم کان خالي هوندا تہ خطرو آهي تہ بي ادَبي جي گهري کڏ ۾ نہ وڃي ڪِرون. خاص ڪري سَفرِ مدينہ جي دوران تہ زائرِ مدينہ کي وڏي احتياط سان قدم رکڻ ۽ باادب رهڻ تمام گهڻو ضروري آهي جو هي اهو در آهي جنهن جو ادب اسان جي ربّ ڪريم اسان کي سيکاريو آهي، تنهنڪري هن معاملي ۾ ٿوري سُستي ۽ ڪوتاهي جو مظاهرو ڪرڻ تمام وڏي نقصان ۽ جو سبب آهي. اچو! هن باري ۾ هڪ عبرت ناڪ واقعو ٻڌو ۽ عبرت حاصل ڪريو، جيئن

## مديني جي دهي جي بي ادبي جو وبال

هڪ شخص مدينہ مُنَوَّرَہ ۾ هر وَقت روئيندو ۽ معافي گهرندو رهندو هو، جڏهن ان کان ان جو سبب پڇيو ويو تہ ان جواب ڏنو. هڪ ڏينهن مون مديني شريف جي ڏهي کي کٽو ۽ خراب چيو هو، اهو چوندي ئي منهنجي نسبت (معرفت) کسجي وئي ۽ مون تي عِتاب (غضب) ٿيو جو ديارِ محبوب جي ڏهي کي خراب چوڻ وارا! مَحَبَّت واري نگاهہ سان ڏس! محبوب جي گهٽي جي هر هر

شيء عمده آهي. (بهارمثنوي ،١٢٨ماخوذاً)

محفوظ سدا رکھنا شہا! بے ادبوں سے اور مجھ سے بھی سرزد نہ کبھی بے ادبی ہو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! مديني وڃڻ وارن جي قسمت جو تارو عُروج تي هوندو آهي، اُنهن جا نصيب چمڪي رهيا هوندا آهن، اهي سعادتن جي معراج کي پهچي ويندا آهن، انهن جي خوشي ڏسڻ واري هوندي آهي، اُنهن تي رحمتِ الٰهي جي ڇماڇم برسات ٿيندي آهي، ائين ڇو نه ٿئي جو روضي مبارڪ جي زيارت جو جام پيئڻ وارن خوش نصيبن کي ته نبي پاڪ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ پنهنجي زبانِ حقّ تَرجُمان سان شفاعت جو پروانو عطا فرمايو آهي، جيئن

## شفاعت واجبَ ٿي ويندي آهي

رسولِ اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: مَنْ زَارَ قَبْرِي وَجَبَتْ لَه شَفَاعَتِي يعني جنهن منهنجي قبر جي زيارت ڪئي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي وئي. (دار قطني،ڪتا ب الحج ، ٢/ ٣٥١، حديث: ٢٦٦٩)

سُبْحٰنَ الله عَزَّوَجَلَّ! ٿورو سوچيو ته سهي! اهو ڪيترو عظمتن ۽ برڪتن ڀريو مقام آهي جو جنهن جي زيارت ڪريون ته شفاعت جي خيرات ملي، اتي رهون ته برڪتون عطا ٿين ۽ جيڪڏهن اتي ساهہ نڪري ته شفاعت جو واعدو آهي. امامِ عشق و مَحَبَّت،اعليٰ حضرترَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه لکن ٿا:

طيبہ ميں مر کے ٹھنڈے چلے جاؤ آنکھيں بند
سيدھی سڑک يہ شہرِ شفاعت نگر کی ہے

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ياد رکو! مدينو منوره اهو مقدس ترين مقام آهي جيڪو بيشمار خوبين سان مالامال آهي. اچو! حصولِ برڪت ۽ نزولِ رحمت جي لاءِ مديني شريف جي ڪجهه خاصيتن جي باري ۾ ٻڌون ٿا ۽ پنهنجي دل ۾ هن پاڪ شهر جي عظمت وڌيڪ اجاگر ڪرڻ جي ڪوشش ڪريون ٿا: جيئن

## مدينہ منورہ جون 14 خاصيتون

(1) سڄي زمين ۾ ڪو اهڙو شهر ناهي جنهن جا مبارڪ نالا ايترا وڌيڪ هجن جيترا مدينہ منوره جا نالا آهن، ايستائين جو ڪجهہ عالمن هن جا 100 نالا تحرير فرمايا آهن.(2) مدينو منوره اهڙو شهر آهي جنهن جي محبت ۽ ياد ۾ دنيا ۾ سڀ کان وڌيڪ زبانن ۾ تعداد ۾ قصيده لکيا ويا، لکيا پيا وڃن ۽ لکيا ويندا رهندا. (3) الله پاڪ جي پياري حبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ هن جي طرف هجرت ڪئي ۽ هتي ئي رهائش اختيار فرمايائون (4) الله پاڪ هن جو نالو طابہ رکيو (5) حضوراڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جڏهن سفر کان واپس تشريف کڻي ايندا تہ مدينہ منوره جي ويجهو پهچي ان کان محبت ۽ شوق جي سبب سان پنهنجي سواري کي تيز هلائيندا هئا (6) مدينہ منوره ۾ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو مبارڪ دل سڪون ماڻيندو هو. (7) هتان جو غرد و غبار پنهنجي چهري مبارڪ کان صاف نہ فرمائيندا هئا ۽ صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان کي بہ هن کان منع فرمائيندا هئا ۽ ارشاد فرمائيندا هئا تہ مديني جي خاڪ ۾ شفاء آهي. (جذب القلوب، ص22) (8) جڏهن ڪو مسلمان زيارت جي نيت سان مدينہ منوره ايندو آهي تہ ملائڪ رحمت جي تحفن سان ان جو استقبال ڪندا آهن. (جذب القلوب، ص211) (9) سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ مدينہ منوره ۾ مرڻ جي ترغيب ارشاد فرمائي. (10) هتي مرڻ واري جي حضوراڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ شفاعت فرمائيندا. (11) جيڪو وضو ڪري اچي ۽ مسجد نبوي شريف ۾ نماز ادا ڪري ان کي حج جو ثواب ملندو آهي.(12) حجره مبارڪ ۽ منبر منوره جي وچ واري جاءِ جنت جي باغن مان هڪ باغ آهي(يعني جنت جي ڪياري) آهي. (13) مسجد نبوي شريف ۾ هڪ نماز پڙهڻ پنجاهہ هزار (50،000) نمازن جي برابر آهي. (ابن ماجه ج 2 176 حديث 1413) (14) مدينہ منوره جي سرزمين تي مزارِ مصطفٰي آهي جتي صبح ۽ شام ستر ستر هزار(70،000) ملائڪ حاضر ٿيندا آهن.

(عاشقانِ رسول جون 130 حڪايتون مع مڪي مديني جون زيارتون، ص 259 کان 262 ملتقطا)

رہیں اُن کے جلوے بسیں اُن کے جلوے
مرا دل بنے یادگارِ مدینہ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڪاٿو ڪارايو

حضرت سيدنا امام يوسف بن اسماعيل نبهاني رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه نقل ڪن ٿا تہ حضرت سيدنا شيخ ابوالعباس احمد بن نفيس تُونِسي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا تہ مان هڪ دفعي مديني پاڪ ۾ سخت بک جي حالت ۾ سرڪار عالي وقار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جي مزارِ پُرانوار تي حاضر ٿي عرض ڪيو: يا رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ مان بکايل آهيان، اوچتو مون کي ننڊ اچي وئي. ٿوري دير کان پوءِ ڪنهن اچي جاڳايو ۽ مون کي گڏ هلڻ جي دعوت ڏني، تہ پوءِ مان ان سان گڏ ان جي گهر آيس، ميزبان ڪارڪون، گيهہ ۽ ڪٽڪ جون مانيون پيش ڪري چيائين تہ پيٽ پري کائو! چو تہ مون کي منهنجي جد امجد صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن اوهان جي ميزباني جو حڪم ڏنو آهي. آئنده ڪڏهن بہ بک محسوس ٿئي تہ اسان وٽ تشريف ڪٽي ايندا ڪيو. (حُجَّةُ الله عَلَي الْعٰلَمِين ص٥٧٣)

مانگیں گے مانگے جائیں گے مُنہ مانگی پائیں گے
سرکار میں نہ ”لَا“ ہے نہ حاجت ”اگر“ کی ہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## اي زائر روضہ انور! بخشش حاصل ڪري موٽو!

حضرت سيدنا حاتِم اَصَم رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه رحمتِ عالم، نور مُجسّم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي روضي مبارڪ وٽ بيهي دعا ڪئي: يا الله مون تنهنجي حبيب ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي قبر اطهر جي زيارت ڪئي، هاڻي تون مون کي نامراد نہ موٽاءِ. آواز آيو: اي ٻانها! اسان توکي پنهنجي محبوب جي مزار شريف جي زيارت جي اجازت ئي تڏهن ڏني، جڏهن توکي پاڪ ڪرڻ قبول ڪيو، هاڻي تون ۽ توسان گڏ زيارت ڪرڻ وارا بخشش حاصل ڪري موٽي وڃو، بيشڪ الله پاڪ توکان ۽ انهن کان راضي ٿي ويو جنهن پياري نبي

محمد صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي روضي شريف جي زيارت ڪئي. (الروض الفائق،ص٣٠٦)

روضۂ پاک کے سائے میں بُلا کر آقا آنکھ دے دیجئے میں آپ کا جلوہ دیکھوں
چوم لوں کاش! نگاھوں سے سنہری جالی اَشکبار آنکھ سے منبر کا بھی جلوہ دیکھوں

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڀلو اوهان! سرڪارِ دو عالم، نورِ مجسّم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي روضي انور جي زيارت ڪرڻ ڪيتري قدر سعادت ۽ برڪت جو سبب آهي ته روضي مبارڪ جي زيارت ڪرڻ وارن کي بارگاھ الٰهي کان مغفرت جا پروانا تقسيم ڪيا ويندا آهن، ته ڪيترا خوش نصيب آهن اهي عاشقانِ رسول جيڪي مديني پاڪ جي حاضِري جو شرف ماڻي چڪا آهن، جنهن سبز سبز گنبذ جي حَسين جلوئن کي ڏسي پنهنجا جگر ٺڌا ڪيا، جنهن مسجدِ نبوي جي دلڪش منارن جي زيارت جو جام پيتو. جن آقا ڪريم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي منبر ومحراب کي پنهنجي اکين سان ڏسڻ جو اِعزاز حاصِل ڪيو. يقيناً يادِمدينہ اُنهن کي هاڻي بہ بيقرار ڪندي هوندي، جڏهن هو تصويرن ۾ اُنهن منظرن کي ڏسندا هوندا تہ اُنهن جون اکيون اَشڪبار ٿي ويندﻴﻮن هونديون، دل بي قابو ٿيڻ لڳندو هوندو. اي ڪاش! ربّ ڪريم اُنهن عاشقانِ رسول جي طفيل اسان گناهگارن کي بہ حاضِري مدينہ جيَ سعادت عطا فرمائي، اي ڪاش! آقا ڪريمصَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ اسان کي بہ پنهنجن قدمن ۾ گهرائي، اي ڪاش! اسان کي بہ سبز سبز گنبذ جا پُرنُور جلوا ڏسڻ نصيب ٿي وڃن، اي ڪاش! اسان کي بہ سنهري ڄارين جي سامهون بيهي دُرُود و سلام پڙهڻ جي سعادت نصيب ٿي وڃي.

حضور ایسا کوئی انتظام ہو جائے سلام کے لئے حاضر غلام ہو جائے
میں صرف دیکھ لوں اک بار سبز گنبد کو بَلا سے پھر میری دنیا میں شام ہو جائے

اي ڪاش! اسان کي بہ اِيمان و عافيت سان مني مديني ۾ موت ۽ جنّتُ البقيع ۾ بہ گز زمين نصيب ٿي وڃي. ياد رهي! مديني شريف ۾ مرڻ ۽ جنّتُ

البقيع ۾ دفن ٿيڻ تمام وڏي سعادت مندي جي ڳالهہ آهي، جيئن تہ

## مديني ۾ مرڻ جي فضيلت

نبي اکرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن اِرشادفرمايو: مَنِ اسْتَطَاعَ اَنْ يَّمُوتَ بِالْمَدِيْنَةِ فَلْيَمُتْ بِهَا يعني جنهن کان ٿي سگهي تہ اهو مديني ۾ مري تہ مديني ۾ ئي مري، فَاِنِّي اَشْفَعُ لِمَنْ يَمُوْتُ بِهَا چو تہ مان مديني ۾ مرڻ وارن جي شفاعت ڪندس۔ (ترمذي، ڪتاب المناقب،باب في فضل المدينة،۵/۴۸۳، حديث: ۳۹۴۳)

هڪ ٻي جاءِ تي فرمايائون: (قيامت ۾ جڏهن سيني کي قبرن مان اُٿاريو ويندو) سڀ کان پهريان منهنجي پوءِ ابُو بَکر ۽ عُمَر (رَضِيَ اللهُ تَعَالٰي عَنْهُمَا) جون قبرون کلنديون، پوءِ مان جنّتُ البقيع وارن وٽ ويندس، تہ اهي مون سان گڏ جمع ٿيندا، پوءِ مان مکي وارن جو اِنتظار ڪندس ايستائين جو حَرَمَينِ شَرِيفَين جي وچ ۾ انهن کي بہ پاڻ سان گڏ ڪندس. (ترمذي،ابواب المناقب،باب(م:تابع۱۷،ت:۵٦)...الخ،۵/۳۸۸، حديث: ۳۷۱۲)

عاشقِ مدينہ،اميرِ اَهلسُنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه مديني شريف ۾ مرڻ ۽ بقيع پاڪ ۾ دفن ٿيڻ جي جذبات جو اِظهار ڪندي پنهنجي نعتيہ ديوان "وسائلِ بخشش " ۾ لکن ٿا تہ

میں ہوں سُنّی رہوں سُنّی مروں سُنّی مدینے میں
بقیعِ پاک میں بن جائے تُربت یا رسول اللہ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## 12 مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم "بعدِ فجر مَدَني حلقو"

اي عاشقانِ رسول! مديني جي يادين ۾ گم رهڻ، پنهنجي دل کي مَحَبَّتِ مدينہ سان شاد و آباد رکڻ ۽ مديني جي عشقِ ۾ مچلجڻ جو سليقو سکڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ ٿي ذيلي حلقي جي 12 مدني ڪمن ۾ شموليت اِختيار ڪريو. 12 مَدَني ڪمن مان روزانو جو هڪ مَدَني

ڪم فَجر نماز ڪان بعد ”مَدَني حَلقو“ بہ آهي. ❖ اَلحَمدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مَدَني حلقي جي بَرَڪت سان مسجِد ۾ ويهڻ جو ثواب حاصِل ٿيندو آهي، ❖ بعدِ فجر مَدَني حلقي جي بَرَڪت سان تِلاوتِ قُرآن ڪرڻ پڙهڻ جو شَرَف حاصِل ٿيندو آهي،❖ بعدِ فجر مَدَني حلقو قُرآنِ ڪريم جو ترجمو ۽ تفسير سان سمجهڻ جو بهترين ذَرِيعو آهي، ❖ بعدِ فجر مَدَني حلقي جي بَرَڪت سان مَدَني اِنعامات تي عمل تي ويندو آهي، ❖ بعدِ فجر مَدَني حلقي جي بَرَڪت سان اِشراق و چاشت جا نفل پڑهڻ جو موقعو ملندو آهي، ❖ بعدِ فجر مَدَني حلقي ۾ بُزرگانِ دين رَحمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيهِم اَجْمَعِين جي ذِڪرِ خَير تي مُشتَمِل شَجَرو شريف پڙهڻ پڙهڻ جو شَرَف حاصِل ٿيندو آهي ۽ بُزرگانِ دِين رَحمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيهِم اَجْمَعِين جو تَذڪرو ڪرڻ باعثِ رَحمت آهي، جيئن حضرت سَيِدُنا سُفْيان بن عُيينہ رَحمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيه فرمائن ٿا: عِنْدَ ذِكرِ الصَّالِحِينَ تَنَزَّلُ الرَّحمَة يعني نيڪ ماڻهن جي ذِڪر جي وقت رحمت نازل ٿيندي آهي. (حِليَة الْاَوْلِياء، ٧ / ٣٣٥، رقم:١٠٧٥٠) اَلحَمدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ بُزرگانِ دين رَحمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيهِم اَجْمَعِين جي ذڪرِ خَير تي مُشْتَمِل هن مُبارَڪ شَجَري جي بَرَڪت سان ڪيئي عاشِقانِ رسول جا رُڪيل ڪم بڻجي ويندا آهن. اچو! تَرغِيب طور هڪ مَدَني بهار پڙو ۽ خوش ٿيو،

## ويزائون ملي ويون

هڪ اسلامي ڀاءُ تقريباً 14سال ڪان بيرونِ ملڪ ۾ مُقِيم ۽ 6سال ڪان دعوتِ اسلامي جي مَدَني ماحول ڪان وابستہ آهن. جتي انهن جو پنهنجو ڪاروبار (Business) آهي. انهن کي هڪ ٻيري پنهنجي ڪارخاني ۾ ڪم ڪرڻ وارن جي ضَرورت پئي. انهن ويزن جي لاءِ بار بار درخواستون جمع ڪرايون پر ڪافي ڪوشِشن جي باوُجود ويزائون نہ ملي سگهيون. ڪيئي سال ائين گذري ويا، اهي گهڻو پريشان هئا ڇاڪاڻ تہ مُلازم نہ هئڻ جي ڪري انهن کي نقصان ڪٽو پئي پيو. خير اُنهن همَّت ڪري هڪ دفعو ٻيهر درخواست جمع ڪرائي. انهيءَ دوران هڪ اسلامي ڀاءُ اُنهن کي اَمِيرِاَهلسُنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ العَالِيه جي عطا ڪيل رِسالي ”شَجَرَهٔ قادِرِيه رَضَوِيه ضِيائِيه عَطَّارِيه“ ڪان شَجَرَه عَالِيہ جا دُعائيہ

شعر پڙهڻ جو مَشوَرو ڏنو. اُنهن شَجَري شريف مان دُعائيہ شعرن کي بِلاناغہ پڙهڻ شروع ڪيو. اَلحَمدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ شَجَرَه عَالِيہ قادِرِيہ رَضَوِيہ عَطَّارِيہ پڙهڻ جي بَرَڪت سان انهن جو اهو ڪم جيڪو ڪيئي سالن کان نہ پئي ٿيو، حَيرت اَنگيز طور تي ڪجھ ڏينهن ۾ ٿي ويو يعني اُنهن کي ضرورت موجب تعداد ۾ ويزائون ملي ويون.

مُشکِلیں حل کر شہِ مشکل کشا کے واسطے　　کر بلائیں رد شہیدِ کربلا کے واسطے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب!　　صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## يادِ مدينه

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان مديني پاڪ جي فضيلتن ۽ خصوصيتن ۽ اتي جي مُقَدَّس هنڌن جو ذِڪرِ خَير ٻڌي رهيا آهيون. ياد رهي! ذِڪرِ مدينہ عاشِقانِ رسول جي لاءِ دل ۽ جان جي سڪون جو سبب آهي، دنيا جي مختلف زبانن ۾ جيترا قصيدا مدينہ منوره جي هِجر و فراق ۽ ان جي ديدار جي تمنا ۾ پڙهيا ويا يا پڙهيا ويندا آهن، اوترا دنيا جي ڪنهن ٻئي شهر يا علائقي جي لاءِ نہ پڙهيا ويا نہ پڙهيا ويندا آهن ۽ جنهن کي هڪ دفعو بہ مديني جو ديدار ٿي وڃي ٿو اهو پنهنجو پاڻ کي خوش نصيب سمجهي ٿو ۽ مديني ۾ گذاريل حَسين لمحن کي هميشہ جي لاءِ يادگار قرار ڏي ٿو.

وہ مدینہ جو کونین کا تاج ہے　　جس کا دیدار مومن کی معراج ہے

زندگی میں خدا ہر مسلمان کو　　وہ مدینہ دکھادے تو کیا بات ہے

عُشّاقِ مدينہ ان جي فُرقَت (جدائي) ۾ تڙپندا ۽ زِيارَت جا بيحد مُشتاق رهندا آهن. مدينو ڇا آهي ۽ مديني سان عشق ڪيئن هئڻ گهرجي؟ مديني کان جدائي جي وَقت اسان جا جذبات ڪيئن هئڻ گهرجن؟ ان جي لاءِ بزرگانِ دين رَحمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيهِم اَجمَعِين جي سيرت ۽ اُنهن جو ڪردار اسان لاءِ پيروي لائق آهي. جيئن

## مان مدينو پاڪ ڇڏي نہ ويندس

خليفو هارونُ الرَّشيد حضرت سَيِدُنا امام مالڪ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ کان پڇيائين: ڇا اوهان جو ڪو گهر آهي؟ فرمايائون: ”نہ “ تہ ان سندن خدمت ۾ ٽي هزار (Three Thousand) دينار پيش ڪندي چيائين تہ ”هن مان گهر خريد ڪيو!“ پاڻ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ دينار ڪٺي رکي ورتائون ۽ انهن کي خرچ نہ ڪيائون. جڏهن خليفو هارونُ الرَّشيد مديني شريف مان وڃڻ لڳو تہ انهن امام مالڪ جي خدمت ۾ عرض ڪيو: اوهان کي اسان سان گڏ هلڻو پوندو ڇوتہ مون ارادو ڪيو آهي تہ ماڻهن کي (حديثِ پاڪ جي مشهور ڪتاب) ”مُوطَّا“ تي جمع ڪيان جهڙي نموني اميرُالمؤمنين حضرت سَيِدُنا عثمان بن عَفَّان رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہ ماڻهن کي هڪ قرآن تي گڏ ڪيو هو.“ پاڻ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ فرمايائون: ماڻهن کي صرف ”مُوَطَّا“ تي گڏ ڪرڻ جو تہ ڪو جواز ناهي ڇوتہ اللّٰہ پاڪ جي محبوب صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي وِصالِ ظاهري کان پوءِ صحابہ ڪرام رِضۡوَانُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡھِمۡ اَجۡمَعِین مختلف شهرن ۾ هليا ويا آهن، اتي انهن حديثون بيان ڪيون آهن جنهن سبب هاڻي مصر جي هر شخص وٽ حديثن جو عِلم آهي ۽ مُصطَفٰي جانِ رحمت صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن بہ اِرشاد فرمايو تہ ”منهنجي اُمّت جو اِختلاف رحمت آهي.“ (جامع الاصول فی احادیث الرسول لابن اثیر، الباب الرابع فی ذکر الائمۃ، الامام مالک، ج۱، ص۱۲۱) ۽ رهيو (مدينو ڇڏي) تون سان گڏ هلڻ تہ ان جي بہ ڪا صورت ناهي ڇوتہ فرمانِ مُصطَفٰي صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ آهي تہ”مدينو انهن جي لاءِ بهتر آهي جيڪڏهن اهي سمجهن.“ (مسلم، کتاب الحج، باب فضل المدینۃ، حدیث:۱۳۶۳، ص۷۱۰) هڪ روايت ۾ آهي: مدينو (گناهن جي) مر کي ائين دور ڪندو آهي جيئن بني لوهہ جو زنگ پري ڪندي آهي.“ (مسلم، کتاب الحج، باب المدینۃ تنفی شرارھا،حدیث:۱۳۸۱، ص۷۱۶۔حلیۃ الاولیاء،مالک بن انس ، حدیث:۸۹۴۲، ج۶، ص۳۶۱) پوءِ پاڻ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ خليفہ هارونُ الرَّشيد کي فرمايائون:”هي رهيا توهان جا دينار چاهيو تہ انهن کي ونو ۽ چاهيو تہ ڇڏي ڏيو.“ يعني توهان مون کي ان ڪري مدينو پاڪ ڇڏڻ تي پابند

ڪيو تا تہ تو مون سان سنو سُلوڪ ڪيو آهي تہ (ٻڌ) مان مديني شريف تي دنيا کي ترجيح نٿو ڏيان. (احياء العلوم،۱/۱۱۳)

مدینہ اِس لیے عطاؔر جان و دل سے ہے پیارا
کہ رہتے ہیں مرے آقا مرے سَروَر مدینے میں

منا منا اسلامي ڀائرو! شيخ طريقت، اميراهلسنت، باني دعوت اسلامي حضرت علامہ مولانا محمد الياس عطار قادري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ کي ڪوڙ ڀيرا سفرِ حج ۽ سفرِ مدينہ جي سعادت حاصل ٿي آهي، جنهن ۾ مجموعي طور تي جيڪا ڪيفيت رهي ان کي پوري طرح تہ بيان نہ ٿو ڪري سگهجي البت پاڻ دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جي هڪ سفرِ مدينہ جا مختصر احوال ٻڌون ٿا: جيئن

## اميراهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جو سفرِ مدينہ

جڏهن مديني پاڪ ڏانهن وڃڻ جي اميراهلسنت جي مبارڪ گهڙي آئي تہ ائير پورٽ تي عاشقانِ رسول امير اهلسنت کي الوداع چوڻ لاءِ موجود هئا، مديني جي ديوانن اميرِاهلسنت جي چوڌاري نعتون پڙهڻ شروع ڪري ڏنيون. ڏک ۽ غم ۾ ڀريل نعتن عاشق جي عشق جي باهہ کي ويتر ڀڙڪايو. غم مدينہ ۾ روئڻ ۽ هڏڪين سان فضا سوگوار ٿيندي پئي وئي، پڻ عاشقِ مدينہ امير اهلسنت جي ڪيفيت وڏي عجيب هئي. سندن اکين مان لڙڪ جاري هئا ۽ سندن هن اشعارن جا مصداق نظر پئي آيا تہ

آنسوؤں کی لڑی بن رہی ہو اور آہوں سے پھٹتا ہو سینہ
وردِ لَب ہو "مدینہ مدینہ" جب چلے سُوئے طیبہ سفینہ

عشق ۽ الفت جو اهو نرالو انداز هر هڪ جي سمجهہ ۾ نہ ٿو اچي سگهي جو تہ طيبہ جي حاضري جي لاءِ وڃڻ وارا تہ اڪثر خوش ٿيندا آهن، مبارڪ

باديون ونندا ويندا آهن ۽ اهو ڪو ناجائز بہ ناهي البت اميراهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ پنهنجي ڪلام ۾ اهڙو زائرينِ مدينہ جو مدني ذهن ٺاهيندي فرمائن ٿا:

ارے زائرِمدینہ!تُو خوشی سے ہنس رہا ہے      دلِ غمزدہ جو لاتا تو کچھ اَور بات ہوتی

بالآخر انهيءَ مديني جي خيال ۾ گم ٿي وڃڻ واري عالم ۾ سفرِ مدينہ جو آغاز ٿيو، جيئن جيئن منزل ويجهو ايندي رهي، اميراهلسنت جي عشق جي شدت بہ وڌندي رهي. ان پاڪ سرزمين تي پهچندي ئي پنهنجا جوتا لاهي ڇڏيا. الله! الله! مزاجِ عشق رسول سان ايتري قدر جان پهچان رکندڙ جو خود ئي ڪلام ۾ فرمائن ٿا:

پاؤں میں جُوتا ارے! محبوب کا کُوچہ ہے یہ      ہوش کر تُو ہوش کر غافل! مدینہ آگیا

اميراهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ ان پاڪ سرزمين جي ادبن جو ايتري قدر خيال رکندا هئا جو (1406) ھ جي سفرِ حج ۾ سندن جي طبيعت ناساز هئي. سخت نزلو ٿي ويو، نڪ مان پاڻي شدّت سان وهي رهيو هو. ان جي باوجود پاڻ ڪڏهن بہ مديني پاڪ جي سرزمين تي نڪ نہ سٽڪيو بلڪ سندن جي هر ادا کان ادب جو ظهور ٿئي ٿو. جيستائين مدينہ منوره ۾ رهيا حتي الامڪان گنبذ خضرا ڪي پٺي نہ ڪئي. (تعارف امير اهلسنت، ص 32 کان 34) مطلب تہ ان مبارڪ سفر ۾ ڄڻ پاڻ هن شعر جي عملي تصوير بڻيا رهيا:

مدینے کا سَفَر ہے اور میں نَمدیدہ نَمدیدہ      جَبیں اَفسُردہ اَفسُردہ بدن لرزیدہ لرزیدہ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب!      صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

### "مجلسِ تراجم"

منا منا اسلامي ڀائرو! غمِ مدينہ ۾ بيقرار رهڻ ۽ مديني جي يادن جو اَسير

ٻڌجڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جي مَدَني تحريڪ دعوتِ اسلامي سان وابستہ رهو ۽ عَمَلي طور تي خدمتِ دِين کي پنهنجي زندگي جو مقصد بڻائي ونو. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي 104 شعبن ۾ نيڪي جي دعوت جون ڌومون مچائڻ ۾ مصروفِ عمل آهي، انهن شعبن مان هڪ شعبو ”**مجلسِ ترَاجِم**“ بہ آهي جنهن نهايت ٿوري وقت ۾ امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه ۽ مڪتبة المدينہ جي ڪتابن ۽ رسالن جو دنيا جي مختلف زَبانن مثال طور، انگلش، عربي، فارسي، فرنچ ، جرمن ، چائنيز، اٽالين، رشين، هندي، گجراتي، سنڌي، بنگالي جي علاوه ڪم وبيش 36 زبانن ۾ ترجمو ڪرڻ جي خدمت سَرانجام ڏئي رهي آهي تہ جيئن اردو پڙهڻ وارن سان گڏوگڏ دنيا جون ٻيون ٻوليون ڳالهائڻ وارا ڪروڙين ماڻهو بہ فيضياب ٿي سگهن. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مجلس تراجم جا تمام ڪتاب ۽ رسالا دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽ www.dawateislami.net تي موجود آهن، ان جي علاوه ”**مدني بُڪس لائبريري** “ جي نالي سان موبائل ايپلي ڪيشن بہ آهي، جنهن جي مدد سان اوهان ڪتابن ۽ رسالن جو نہ صرف پاڻ مطالعو ڪري سگهو ٿا بلڪ پنهنجي دوستن ۽ احبابن کي هن ايپلي ڪيشن جو لِنڪ (Link) شئير ڪري ثوابِ جاريہ جو سامان ڪري سگهو ٿا.

الله کرم ایسا کرے تجھ پہ جہاں میں
اے دعوتِ اسلامی تِری دھوم مچی ہو

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## مدينہ طيبہ جا بَرَڪت وارا مقام

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! مرڪزِ عُشاق يعني منو منو مدينو سڄي جو سڄو نور بار آهي ۽ اڄ بہ جڳهہ بہ جڳهہ مختلف دلڪش مسجدون ۽ ضيابار مُقَدَّس مقام پنهنجون برڪتون لُٽائي رهيا آهن. مشهور مُحَدّث حضرت علّامہ شَيخ عبدُالحق مُحَدِّث دِهلَوي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه عشق ۽ مستي ۾ گهر تي ڪيتري نہ پياري

ڳالھ چئي آھي: اربابِ بصيرت (يعني دل جي نظر رکڻ وارا) اھو سمجھن ٿا تہ ان (مکي مديني) جي جبلن ۽ وادين ۾ ڪيتري قدر نورانيّت ظاھر ٿي رھي آھي! بيشڪ ان جو سبب اھو آھي تہ انھن سيني جڳھن ۾ ڪو بہ اھڙو ذرو ناھي جنھن تي نظر مبارڪ نہ پئي ھجي ۽ ان ديدار مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو شرف حاصل نہ ڪيو ھجي. (جذب القلوب ص١٣٨)

آنکھ میں روح کی ہر تہ میں سَمولوں تجھ کو اے ہوا تُو نے تو سرکار کو دیکھا ہوگا

اچو! حُصولِ بَرَڪت جي لاءِ مديني پاڪ جي ڪجھ مسجدن ۽ مقدس ۽ بابرڪت مقامن جو مُختَصر ذِڪر ٻڌون ٿا

## (1) مسجدِ قُبا شريف

مديني شريف کان تقريبًا ٽي ڪلوميٽر پري ڏکڻ اولھ جي طرف "قُبا" نالي ھڪ قديمي ڳوٺ آھي جتي اھا برڪت واري مسجد ٺھيل آھي. قرآن شريف ۽ صحيح حديثن ۾ ان جا فضائل خصوصيت سان بيان فرمايا ويا آھن، عاشقانِ رسول مسجد نبوي شريف کان وچولي چال پيادل ھلي تقريبًا 40 منٽ ۾ مسجد قبا پھچي سگھن ٿا. بخاري شريف ۾ آھي: رحمتِ عالم، نور مُجَسّم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ھر ڇنڇر تي ڪڏھن پيادل تہ ڪڏھن سواريءَ تي مسجد قُبا تشريف وٺي ويندا ھئا. اچو! مسجد قُبا ۾ حاضِر ٿي نماز پڙھڻ جي فضيلتن تي مُشْتَمِل بہ فرمانِ مُصطَفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ٻڌو، جيئن تہ

### مسجدِ قُبا ۾ نماز پڙھڻ جون فضيلتون

حُضور نبي پاڪ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن اِرشاد فرمايو: مسجد قبا ۾ نماز پڙھڻ عُمري جي برابر آھي. (ترمذي ج 1 ص 348 حديث 324) ھڪ ٻي جاءِ تي فرمايائون: جنھن شخص پنھنجي گھر ۾ وضو ڪيو پوءِ مسجد قبا ۾ وڃي نماز پڙھي تہ ان کي عُمري جو ثواب ملندو. (ابنِ ماجه،٢ /١٧٥،حديث:١٤١٢)

## (2) مسجدِ غَمامہ

مکي شريف يا جدّہ شريف کان جڏھن مدينہ منوره اچبو آھي تہ مسجد نبوي

شريف اچڻ کان پهريان وڏن گنبذن واري هڪ نهايت ئي خوبصورت مسجد اچي ٿي ۽ اها مسجد ”مسجد غُمامہ“ آهي. اسان جي پياري آقا، مکي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ سن 2 هجري ۾ پهريون دفعو عيدالفطر ۽ عيدالاضحيٰ جي نماز ان جاءِ تي کلي ميدان ۾ ادا فرمائي هئي. اتي ئي رحمت عالم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ برسات جي لاءِ دعا فرمائي ۽ دعا ڪندي ئي ڪڪر ڇانئجي ويا ۽ برسات وسڻ شروع ٿي وئي. ڪڪرن کي عربيءَ ۾ غمامہ چئبو آهي، انهيءَ نسبت سان ان کي هاڻي مسجد غمامہ چوندا آهن. هتي کليل ميدان هو پهرين صدي جي مُجدِّد اميرالمؤمنين حضرت عمر بن عبدالعزيز رَحِمَهُ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ هتي مسجد تعمير ڪرائي هئي.

اچو! هاڻ مزيد ڪجھ مُقَدَّس هنڌن جي باري ۾ ٻڌون ٿا، جيئن تہ

## (3) جنّت جي ڪياري (باغ)

تاجدارِ مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي حُجري پاڪ (جتي پاڻ ڪريمن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي مزارِ پُرانوار آهي) ۽ مِنبرِ اَقْدَس (جتي پاڻ سڳورا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ خطبو ارشاد فرمائيندا هئا) جي وچ وارو حصو جنهن جي طول (ڊيگھ) 22 ميٽر ۽ عرض (ويڪر) 15 ميٽر آهي، رَوضَةُ الجنّة يعني ”جنت جو باغ“ آهي.

اسان جي پياري آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ عاليشان آهي: مَا بَيْنَ بَيْتِیْ وَ مِنبَرِیْ رَوْضَةٌ مِّنْ رِّيَاضِ الْجَنَّةِ يعني ”منهنجي گھر ۽ منبر جي وچ واري جڳھ جنّت جي باغن مان هڪ باغ آهي.“ (بخاري ج 1 ص 402 حديث 1195) عام طور تي ماڻهو ان کي ”رِياضُ الجَنة“ چوندا آهن پر اصل لفظ ”رَوضَةُ الجَنّة“ آهي.

يہ پياری پياری کياری تِرے خانہ باغ کی   سرد اس کی آب وتاب سے آتَش سَقَر کی ہے

## مزارِ سَيدُنا حمزه

حضرت سيدنا حمزه رَضِیَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ حضوراڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي چاچا ۽ رضاعي ڀاءُ آهن، اعلانِ نبوّت جي ٻي سال مسلمان ٿيا ۽ 15 شوال المڪرم

غزوه اُحُد (3 هجري) ۾ شهيد ٿيا هئا. پاڻ رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ جي مزارِ فائض الانوار اُحُد شريف جي ويجهو واقع آهي، پرسان ئي حضرت سيدنا مُصعَب بن عُمَير رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ ۽ حضرت سيدنا عبدالله بن جَحش رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ جون مزارون بہ آهن. غزوه اُحُد ۾ 70 صحابہ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان شهادت جو جام پيتو هو، ان مان اڪثر شهداءِ اُحُد بہ گڏ نهيل چار ديواري ۾ آهن.

ڪاش! اسان ڪي بہ زيارتِ مدينہ پاڪ جو شرف حاصل ٿئي ها!!!

جان ودل ہوش و خِرَد سب تو مدینے پہنچے
تم نہیں چلتے رضاؔ سارا تو سامان گیا

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ذُوالقَعدةِ الحَرَام جو مبارَڪ مهينو شروع ٿيڻ وارو آهي، 2 ذُوالقَعدَةِ الحَرَام تي صدرُالشريعہ، بدرُالطريقہ حضرت علامہ مولانا مفتي محمد امجد علي اعظميرَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ جو عُرس مبارَڪ ملهايو ويندو آهي. اچو! هن مُناسبَت سان صَدرُالشريعہرَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ جي سيرتِ مُبارَڪ هڪ نظر ۾ ملاحظہ ڪيو، جيئن

## حياتِ مفتي امجد علي اعظمي هڪ نظر ۾

صدرُ الشّريعہ، بدرُ الطريقہ مفتي محمد امجد علي اعظميرَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ 1300 هجري بمطابق 1882 عيسوي ۾ اوپر يوپي (هند) جي علائقي مَدِينَةُ العُلَمَاء گهوسي ۾ سابقہ ضلعو اعظم گڑھ هاڻوڪو ضلعو مئو ۾پيدا ٿيا.

## نالو۽ نسب

پاڻ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ جو نالو محمد امجد علي، والد جو نالو حڪيم جمال الدين ۽ ڏاڏي جو نالو مولانا خدا بخش آهي،

## لقب

صدرالشريعہ، بد الطريقة ۽ فقيہ اعظم هند پاڻ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ جا مشهور لقب آهن.

## تاريخ وصال

1367 هجري جي ٻي رات 12 لڳي 26 منٽ بمطابق 6 سيپٽمبر1948 تي وصالِ ظاهري ٿيو، مدينة العلماء گهوسي (ضلعو اعظم ڳڙهہ) ۾ سندن مزار آهي ۽ ان جي زيارت عام ۽ خاص سڀ ڪري سگهن ٿا.

## تدريس

پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه طالب علمي جي دوران درس ۽ تدريس جي شعبي کي اختيار فرمايو ۽ علم جي اڃايلن کي سيراب ڪيو.

## بهارِ شريعت

پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه دينِ متين جي خدمت جي لاءِ 27 سال جي عرصي ۾ آيتن ۽ حديثن سان مالامال، فقهي ڪتابن مان چوندي چوندي فقهي مسئلن کي گڏ ڪري هڪ عظيم الشان تصنيف "بهارِ شريعت"نالي مرتب فرمائي.

## ڪنز الايمان

پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه پنهنجي پير و مرشد اعلٰي حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه کان ترجمہ قرآن"ڪنز الايمان" لکرائڻ جو شرف حاصل ڪيو.

## فتاوي امجديہ

پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جو هڪ ٻيو ڪارنامو فتاوي امجديہ بہ آهي. 4 جلدن تي مشتمل هي ڪتاب صدرالشريعہ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي بهترين فتون جو مجموعو آهي جنهن کي پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه اعلٰي حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي وصال کان بعد تحرير فرمايو هو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺامٺا اسلامي ڀائرو! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئيءِ جنهن مون سان

محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو. (مشكاة الصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة،١/٩٧،حديث:١٧٥)

سینہ تِری سُنَّت کا مدینہ بنے آقا جنّت میں پڑوسی مجھے تُم اپنا بنانا

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## قَبر ۽ دفن جا مَدَني گل

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اچو! قَبر ۽ دَفن جي باري ۾ ڪجهه مَدَني گل ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪريون ٿا. ❖ هڪ قَبر ۾ هڪ کان وڌيڪ بِلا ضَرورت دَفن ڪرڻ جائز نہ آهي ۽ ضَرورت هجي تہ ڪري سگهو ٿا. (بهار شريعت جلداوّل ص٨٤٦، عالمگيري ج١ ص١٦٦ ) ❖ جنازو قَبر کان قبلي ڏانهن رکڻ مُستَحب آهي تہ جيئن ميت قبلي واري پاسي کان قَبر ۾ لاٿي وڃي. قَبر جي پيراندي (يعني پيرن واري جڳهہ) رکي متي ڏانهن نہ آڻيو. (بهارِ شريعت ج١، ص ٨٤٤) ❖ حَسبِ ضَرورت ٻہ يا ٽي ۽ بهتر هي آهي تہ قَوي (طاقت ور) ۽ نيڪ ماڻهو قَبر ۾ لهن. عَورَت جي ميت مَحارِم لاهين اهي نہ هجن تہ ٻيا رِشتيدار، اهي بہ نہ هجن تہ پرهيزگار لاهين. (عالمگيري ج ١ ص١٦٦) ❖ عَورَت جي ميت کي لاهڻ کان تختا لڳائڻ تائين ڪنهن ڪپڙي کان لڪائي رکو. ❖ قَبر ۾ لاهڻ وقت اها دُعا پڙهو: بِسۡمِ اللّٰہِ وَبِاللّٰہِ وَعَلٰی مِلَّةِ رَسُوۡلِ اللّٰہِ. (تنوير الابصار ج٣ص١٦٦) ❖ ميت کي ساڄي پاسي ليٽايو ۽ ان جو چهرو قبلي ڏانهن ڪيو ۽ ڪفن واري پٽي کولي ڇڏيو چوتہ هاڻي ضَرورت ناهي، نہ کولي تہ بہ حَرَج نہ آهي. (عالمگيري ج١ص١٦٦،جوهره ص١٤٠) ❖ ڪفن جي ڳنڍ کولڻ وارو اها دُعا پڙهي: اَللّٰهُمَّ لَا تَحۡرِمۡنَا اَجۡرَهٗ وَلَا تَفۡتِنَّا بَعۡدَهٗ ترجمو: اي الله! اسان کي ان جي اَجر کان محروم نہ ڪر ۽ اسان کي ان کان پوءِ واري فتني ۾ نہ وجهہ. (حاشية الطحطاوي علي مراقي الفلاح ص٦٠٩) ❖ قَبر ڪچّي سرن سان بند ڪريو جيڪڏهن زَمين نَرم هجي تہ (ڪاٺي جا) تختا لڳائڻ بہ جائز آهن. (بهارِشريعت ج١ص٨٤٤) ❖ هاڻي مِٽي ڏني وڃي، مُستَحَب اهو آهي تہ سيراندي کان ٻنهي هٿن سان ٽي ڀيرا مٽي وجهو. پهرين ڀيري چئو مِنۡهَا

خَلَقْنٰكُمْ. ٻي ڀيري وَفِيهَا نُعِيۡدُكُمۡ. ٽئين ڀيري وَمِنۡهَا نُخۡرِجُكُمۡ تَارَةً اُخۡرٰى چئو. هاڻي باقي مِٽي ڪوڏر وغيره سان وجهو. (جوهره ص١٤١) ❖ جيتري مِٽي قَبر مان نڪتي آهي ان ڪان وڌيڪ وجهڻ مڪروه آهي. (فتاوىٰ هندية،١٦٦/١) ❖ قَبر چَوڪندي (يعني چار ڪوندن واري) نہ ٺاهيو بلڪ ان ۾ ڍال(هيٺاهين) رکو جيئن اُٺ جو ڪوهان، (دفن ڪان بعد) ان تي پاڻي ڇڙڪڻ بهتر آهي، قَبر هڪ گرانٺ اُونچي هجي يا معمولي وڌيڪ. (بهارشريعت،٨٤٦/١ مُلَخَّصاً) ❖ دفن ڪان بعد قَبر تي آذان ڏيڻ ثواب جو ڪم ۽ ميت جي لاءِ نهايت نَفعي بخش آهي. (فتاوىٰ رضويه،٦٥/٥٠ ماخوذاً) ❖ مُستَحَب هي آهي تہ دفن ڪان بعد قَبر تي سُوره بَقَرَه جو اوّل ۽ آخِر پڙهو، سيراندي (يعني مٿي واري پاسي) الٓمّٓ ڪان مُفۡلِحُوۡن تائين ۽ پيراندي (يعني پيرن ڏانهن) اٰمَنَ الرَّسُوۡلُ ڪان ختم سورت تائين پڙهو. (بهارشريعت،٨٤٦/١) ❖ شَجَرو يا عَهدنامو قَبر ۾ رکڻ جائز آهي ۽ بهتر اهو آهي تہ ميت جي چهري اڳيان قبلي ڏانهن طاق(کُڏو) کوٽي ان ۾ رکو، بلڪ "دُرِّمختار" ۾ ڪفن تي عهد نامو لکڻ جائز چيو آهي ۽ فرمايائون تہ ان سبب مَغفِرَت جي اُمّيد آهي، ❖ ميت جي سيني ۽ پيشاني تي بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم لکڻ جائز آهي. ائين بہ ٿي سگهي ٿو تہ پيشاني تي بِسۡمِ اللّٰه شريف لکو ۽ سيني تي ڪلمو شريف لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوۡلُ اللّٰهِ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پر وهنجارڻ ڪان پوءِ ڪفن پارائڻ ڪان پهريان ڪلمي واري آڱر سان لکو روشنائي (INK) سان نہ لکو. (بهارشريعت ،٨٤٨/١) ❖ قَبر مان ميت جون هڏيون ٻاهر نڪرن تہ انهن هڏين کي دَفن ڪرڻ واجِب آهي. (فتاوىٰ رضويه،٩/ ٤٠٦ماخوذاً)

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ مڪتبة المدينه جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب "بهار شريعت" حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب "سنتيں ۽ آداب" هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

## (1) جمعه جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعه ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

## (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تہ ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناه معاف ڪيا ويندا.[2]

## (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا

---

[1] ...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

[2] ...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

ويندا آهن.[1]

## (4) ڇهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي عَلَيهِ رَحمَةُ اللّٰهِ الهَادِى کن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[2]

## (5) قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہِ ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي.[3]

## (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[4]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

---

[1]...القول البديع، الباب الثانی، ص277،

[2]...افضل الصلوات علی سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

[3]...القول البديع، الباب الاول، ص125

[4]... الترغيب والترهيب، ج ۲، ص ۳۲۹، حديث ۳۱

## (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[1]

## (2) جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، اللہ عَزَّ وَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللہُ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

[1] … مجمع الزوائد،کتاب الادعیۃ،باب فی کیفیۃ الصلاۃ...الخ،254/10،حدیث:17305